قرآني بيان

# دل تي مُهرَ لڳڻ جا سبب

مدني مراڪز (فيضان مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوت اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

11-April-2025

جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
11 اپريل، 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ 12 شوال، 1446ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# دل تي مُهرَ لڳڻ جا سبب

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... چنڊ ٻہ ٽڪرا ٿيڻ جو واقعو
- ... فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تي هدايت جي راهہ کُلي وئي
- ... ضِدي قومن جو عبرتناڪ انجام
- ... دل تي مُهرَ لڳڻ جو هڪ اهم سبب

پیشکش

اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيَہ

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

هڪ دفعي حضرت جبرائيلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن توهان تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي اعمالنامي ۾ 10 نيڪيون لکندو،ان جا 10 گناهه معاف ڪندو ۽ 10 درجا بلند ڪري ڇڏيندو. [1]

اُن پر دُرود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے [2]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکندڙ آهن، تن تي درود ۽ سلام هجن-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ (6)

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ وَعَلٰى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ (7)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...القول البديع، صفحه:118-

2...حدائقِ بخشش، صفحه:209-

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ کان اڳ ۾ اسان قرآن ڪريم جي ترتيب مطابق قرآني بيان ٻڌڻ جو شرف حاصل ڪري رهيا هئاسين، اڄ اِنْ شَآءَاللہُالْكَرِيم! اسان ٻيهر انهيءَ ئي ترتيب سان قرآني بيانن جو سلسلو شروع ڪري رهيا آهيون. اسان سپارو: 1، سورت بقره جي آيت: 6 ۽ 7 ٻڌڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي.

انهن کان پهريان وارين آيتن ۾ انهن ماڻهن جو ذڪر ٿيو، جيڪي قرآن ڪريم جي هدايت قبول ڪرڻ جي صلاحيت رکندا آهن. اهي ڪهڙا ماڻهو آهن؟ الله پاڪ فرمايو:

هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٢﴾ (پارو :1، سوره بقره : 2) | ترجموڪنزالعرفان: ان ۾ ڊڄڻ وارن جي لاءِ هدايت آهي.

يعني اُهي متقي ماڻهو آهن، جيڪي قرآن ڪريم کي پڙهي ان مان هدايت حاصل ڪندا آهن. متقي ڪير آهن؟ اُهي جيڪي بغير ڏسڻ جي (يعني غيب جي شين تي) ايمان آڻيندا آهن، نماز قائم ڪندا آهن، الله پاڪ جي راهه ۾ ان جي ڏنل رزق مان خرچ ڪندا آهن ۽ آخرت تي پڪو يقين رکندا آهن.

هاڻي هنن ٻن آيتن (يعني آيت: 6 ۽ 7) ۾ انهن ماڻهن جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جيڪي قرآن ڪريم پڙهندا به آهن، سمجهندا به آهن، انهن جي اڳيان حق کي توڙي ڪيترو به واضح ڪري بيان ڪيو وڃي، ان جي باوجود به اهي ايمان آڻڻ ۽ هدايت قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هوندا آهن. اهي ڪير آهن؟

الله پاڪ فرمايو:

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا (پارو: 1، سورة بقره: 6) | ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ اهي ماڻهو جن جي قسمت ۾ ڪفر آهي.

يعني اُهي ڪافر ماڻهو آهن. جهڙوڪ ابوجهل، ابولهب، عتبہ، شيبہ وغيره [1] ۽ قيامت تائين اچڻ وارا انهن جهڙا ماڻهو، جيڪي ازلي ڪافر آهن، انهن جي حالت ڪهڙي آهي؟ انهن جي بري عادت ڪهڙي آهي؟ انهن جي بري وصف ڪهڙي آهي؟

1... حاشيہ جمل على الجلالين ،پاره 1: ،سورة بقره ،زير آيت : 6 ،جلد:1،صفحہ:20-21 ـ

سَوَآءٌ عَلَيۡهِمۡ ءَاَنۡذَرۡتَهُمۡ اَمۡ لَمۡ تُنۡذِرۡهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ﴿۶﴾ (پارو: 1، سورة بقره: 6)

ترجمو ڪنزالعرفان: انهن جي لاءِ برابر آهي، جو اوهان انهن کي ڊيڄاريو يا نہ ڊيڄاريو، اهي ايمان نہ آڻيندا.

اها هڪ طرح سان پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دلجوئي بہ آهي ۽ ان ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي غيب جو علم بہ ڏنو ويو آهي. دراصل اسان جا آقا ۽ مولا، رسولِ خدا، احمدِ مجتبیٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن غير مسلمن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا، کين سمجهائيندا هئا، ايمان قبول ڪرڻ جي دعوت ڏيندا هئا ۽ اهي نہ مڃيندا هئا، ايمان قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا هئا تہ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غمگين ٿي ويندا هئا. ان تي اللّٰه ڪريم اوهان صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل کي تسلي ڏيندي فرمايو: [(1)]

سَوَآءٌ عَلَيۡهِمۡ ءَاَنۡذَرۡتَهُمۡ اَمۡ لَمۡ تُنۡذِرۡهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ﴿۶﴾ (پارو: 1، سورة بقره: 6)

ترجمو ڪنزالعرفان: انهن جي لاءِ برابر آهي، جو اوهان انهن کي ڊيڄاريو يا نہ ڊيڄاريو، اهي ايمان نہ آڻيندا.

يعني اي محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي سمجهائڻ ۾ ڪا ڪمي نہ آهي، ڪمي انهن غير مسلمن ۾ آهي. توهان تہ باڪمال آهيو، توهان جو سمجهائڻ جو انداز بہ باڪمال آهي، توهان تہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو حق ادا ڪري ڇڏيو، پر هِي بدبخت آهن، ضِدي آهن، هٺ ڌرم آهن. توهان انهن کي سمجهايو يا نہ سمجهايو، توهان انهن کي قيامت جي عذاب کان، اللّٰه پاڪ جي عذابن کان ڊيڄاريو يا نہ ڊيڄاريو، اهي هرگز ايمان قبول نہ ڪندا.

هي غيب جو علم آهي. ابوجهل، عتبہ، شيبہ وغيره جهڙن ضدي ڪافرن جو انجام ڇا ٿيندو؟ اهي ايمان آڻي جنت جا حقدار ٿيندا يا ڪفر تي قائم رهي هميشہ لاءِ جهنم جا مستحق بڻبا؟ انهن جو خاتمو ڪهڙو ٿيندو؟ اللّٰه ڪريم اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيون ۽ مستقبل ۾ ٿيڻ واري ڪنهن بہ ڳالهہ جو معلوم ٿي وڃڻ ان کي ئي

1... تفسير نعيمی ،پاره :1 ،سورۂ بقره ،زير آيت : 6 ،جلد:1،صفحہ:150 خلاصتً۔

تہ غيب جو علم ڇئبو آهي. معلوم ٿيو تہ اسان جا آقا ۽ مولا، غيب جون خبرون ڄاڻڻ وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن جي انجام کان بہ باخبر آهن.

| | |
|---|---|
| اور کوئی غیب کیا تم سے نہاں ہو بھلا | جب نہ خدا ہی چھپا تم پہ کروروں درود |

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ازلي ڪافر، غير مسلم، جهڙوڪ ابوجهل، عتبہ، شيبہ وغيره سمجهائڻ جي باوجود بہ ڪلمو ڇو ڪونہ پڙهندا؟ انهن جي اندر اصل ۾ بنيادي خرابي ڪهڙي آهي؟ الله پاڪ فرمايو:

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ عَلٰى سَمْعِهِمْ ؕ وَعَلٰۤى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ

(پارو: 1، سورة بقره: 7)

ترجمو ڪنزالعرفان: الله انهن جي دلين تي ۽ انهن جي ڪنن تي مُهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ انهن جي اکين تي پردو پيل آهي.

حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪَشۡفُ الۡمَحۡجُوب شريف ۾ فرمائن ٿا: دل تي چڙهڻ واري زنگ ۽ پردي جا بہ قسم آهن:

(1) حجابِ غين: يعني عارضي پردو (جيڪو ڪڏهن ڪڏهن گناهہ ڪرڻ يا غفلت ۾ پئجي وڃڻ سبب دل تي چڙهي ويندو آهي، اهو عارضي زنگ هوندو آهي، جيڪو توبهہ ڪرڻ، نيڪ عمل ڪرڻ ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ جي برڪت سان لهي ويندو آهي) (2) حجابِ رين: اهو اهڙي ڪاراڻ آهي جيئن ڪوئلو هوندو آهي. ڪپڙي کي داغ لڳي وڃي تہ ڌوئڻ سان اڇو اجرو ٿي ويندو آهي، پر ڪوئلي کي جيترو بہ ڌوئجي، اهو اڇو نہ ٿيندو آهي، بلڪل اهڙي طرح ڪجهہ بدبختن جي برن عملن، خراب ڪردار ۽ مسلسل گناهہ ڪندو رهڻ جي سبب انهن جي دل تي بہ حجابِ رين (يعني مستقل ڪاراڻ) چڙهي ويندي آهي، جيڪا ڪڏهن لهندي ئي نہ آهي.[1]

ان ڪري الله پاڪ ٻڌايو تہ اهي جيڪي ازلي ڪافر آهن، ابوجهل، عتبہ، شيبہ وغيره آهن، انهن جي دلين تي حجابِ رين يعني پڪي ڪاراڻ چڙهيل آهي. انهن جي خراب ڪرتوتن سبب انهن جي دلين تي مُهر لڳي چڪي آهي جو هاڻي انهن جون دليون حق قبول ڪرڻ جي لائق نہ رهيون آهن، انهن جي ڪنن

---

1...ڪشف المحجوب،صفحہ:15 مفہوماً ۔

تي بہ مُهر لڳي چڪي آهي، جيڪي هاڻي حق کي نہ ٿا ٻڌن ۽ انهن جي اکين تي پردا آهن، تنهنڪري انهن جون اکيون حق ڏسڻ کان محروم ٿي چڪيون آهن ۽

لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۠ ﴿۷﴾

(پارو: 1، سورة بقره: 7)

ترجمو ڪنزالعرفان: انهن لاءِ تمام وڏو عذاب آهي.

الله پاڪ جي پناهہ! الله پاڪ جي پناهہ! الله پاڪ اسان کي اهڙي بدنصيبي کان محفوظ فرمائي.

ایماں پہ ربِّ رَحمت دیدے تُو استِقامت | دیتا ہوں واسِطہ میں تجھ کو ترے نبی کا

## سڪڻ لاءِ ۾ اهم ڳالهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قرآن ڪريم جون هي ٻہ آيتون ۽ انهن جي وضاحت ٻڌي. انهن ۾ اسان جي سکڻ لاءِ بہ ڳالهيون آهن يا ائين ڪٽي چئجي تہ الله پاڪ اسان کي پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان هدايت جو ڪتاب، قرآن ڪريم جهڙي نعمت عطا فرمائي آهي، هاڻي هن پاڪيزه ڪتاب کي پڙهي، اسان کي ان مان هدايت حاصل ڪرڻي آهي، پر بہ نهايت بريون صفتون، نهايت خطرناڪ (هلاڪت ۾ وجهندڙ) باطني بيماريون آهن، جن جي موجودگيءَ ۾ ماڻهو هدايت قبول نہ ڪري سگهندو آهي، تنهنڪري اسان کي انهن ٻن ڳالهين کان هر وقت بچڻو آهي. اهي بہ خراب صفتون ڪهڙيون آهن؟

## (1): ضِد ۽ هَٺُ

رب ڪريم فرمايو:

سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۶﴾ (پارو: 1، سورة بقره: 6)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ اهي جن جي قسمت ۾ ڪفر آهي انهن جي لاءِ برابر آهي، جو اوهان انهن کي ڊيڄاريو يا نہ ڊيڄاريو، اهي ايمان نہ آڻيندا.

هيءَ ڪافرن جي بُري صفت آهي ته هو ضدي آهن، هٺيلا آهن، ڪين سمجهائجي يا نه سمجهائجي، هو مڃڻ جي طرف نه ايندا آهن. حق واضح ٿي ويو، انتهائي حڪمت عمليءَ سان، دليلن سان، معجزا ڏيکاري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪئي وئي، پوءِ به هو ڪلمو پڙهڻ جي لاءِ تيار نه آهن. معلوم ٿيو ته هدايت قبول ڪرڻ جي لاءِ مڃڻ واري طبيعت جو هجڻ تمام ضروري آهي، جنهن پنهنجي طبيعت ئي ”مان نه مڃان“ واري بڻائي ڇڏي هجي، انڪار ڪرڻ پنهنجي فطرت ۾ شامل ڪري ڇڏيو هجي، ان کي سمجهائجي، ٻڌائجي، دليل ڏجن، ڪجهه به ڪجي پر هو مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هجي ته اهڙو شخص هدايت ڪيئن قبول ڪري سگهندو؟ ان ڪري هدايت جي راهه جو مسافر بڻجڻ چاهيو ٿا ته ”مڃڻ واري طبيعت“ اختيار ڪرڻي پوندي.

## چنڊ ٻه ٽڪرا ٿيڻ وارو واقعو

ڏسو! ابوجهل ۽ ٻين مڪي جي ڪافرن وغيره کي ڪهڙي ڪهڙي انداز ۾ نه سمجهايو ويو، انهن جيڪو مطالبو ڪيو، اهو پورو ڪيو ويو، تنهن هوندي به هو مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيا. هڪ دفعو رات جو وقت هو، مڪي مڪرمه جا وڏا وڏا ڪافر ابوجهل، مغيره ۽ عاص بن وائل وغيره حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: ”اي محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن اوهان واقعي سچا نبي آهيو ته چنڊ کي ٻه ٽڪرا ڪري ڏيکاريو!“ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪڏهن مان اهو ڪري ڏيکاريان ته ڇا اوهان ايمان آڻيندؤ؟“ چيائون: ها! بلڪل (اسان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي وينداسين) جنهن تي مالڪ و مختار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهريان الله پاڪ جي حضور ۾ دعا گهري، پوءِ پنهنجي مبارڪ هٿ (يعني شهادت جي آڱر شريف) سان چنڊ ڏانهن اشارو ڪيو ته چنڊ ٻه ٽڪرا ٿي ويو.

چاند دو ٹکڑے ہوا صدقے گیا | جب اشارہ مصطفٰے کا پا گیا

اها چنڊ جي چوڏهين رات هئي، چنڊ جو هڪ حصو حرا جبل جي هڪ پاسي ٿي ويو، ٻيو حصو جبل جي ٻئي پاسي ٿي ويو. سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ هڪ ڪافر کي مخاطب ٿي فرمائي رهيا هئا:

اي فلاڻا! گواهه ٿي وڃ! اي فلاڻا! تون به گواهه ٿي وڃ! روايتن ۾ آهي ته: ڪافرن کي ان تي يقين نه پئي آيو، هو بار بار پنهنجون اکيون مهٽيندا رهيا ۽ ڏسندا رهيا، چنڊ واقعي به ٽڪرا ٿي چڪو هو، آخر ٽڪجي چوڻ لڳا:

| | |
|---|---|
| سِحۡرٌ مُّسۡتَمِرٌّ ﴿۲﴾ (پارو :27، سورة قمر :2) | ترجموڪنزالعرفان: هي ته ڪو دائمي جادو آهي |

انهن مان هڪ ڪافر چيو: جيڪڏهن هي واقعي جادو آهي ته توهان تي جادو ٿيو آهي، سڄي دنيا تي ته نه ٿي سگهندو، تنهنڪري جڏهن قافلا ايندا ته انهن کان پڇنداسين، پوءِ جيئن ئي مختلف هنڌن تان مسافر آيا، مڪي جي ماڻهن سڀني کان پڇيو ته سڀني چيو: ها! اسان فلاڻي رات چنڊ کي ٻن ٽڪرن ۾ ڏٺو هو. (1)

الله! الله! هي ڪيڏو نه عظيم معجزو هو، ابوجهل وغيره ۽ ٻين کي هاڻي گهرجي ها ته ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي وڃن ها، پر افسوس! انهن تي بدبختي غالب هئي، هنن اهو طئي ڪري ڇڏيو هو ته اسان کي ته مڃڻو ئي نه آهي، تنهنڪري پنهنجين اکين سان چنڊ کي به ٽڪرا ٿيندو ڏسي، ٻاهران آيل مسافرن جون شاهديون ٻڌي به هنن اهو ئي چيو ته:

| | |
|---|---|
| سِحۡرٌ مُّسۡتَمِرٌّ ﴿۲﴾ (پارو :27، سورة قمر :2) | ترجمو ڪنزالعرفان: هي ته ڪو دائمي جادو آهي |

اي عاشقانِ رسول! اها آهي نه مڃڻ واري طبيعت ۞ ڪافرن چنڊ کي به ٽڪرا ڪرڻ لاءِ چيو، چنڊ به ٽڪرا ڪري ڏيکاريو ويو ۞ پٿرن کي ڳالهرائڻ لاءِ چيو ويو، پٿرن کان ڪلمو پڙهايو ويو۞ وڻ هليا ۞ جانورن سجدا ڪيا، پر جڏهن طبيعت ئي انڪار واري بڻائي وئي، پوءِ چاهي ڪجهه به ٿئي، انڪار ئي ڪرڻو آهي. جڏهن ذهن ۾ ئي اهو ويهاريو ويو آهي ته مون کي نه مڃڻو آهي ته پوءِ زمين مٿي تي وڃي يا آسمان هيٺ لهي اچي، ڪجهه به ڪريو، مڃڻو ئي نه آهي.

تجھے کیا بتاؤں کے معجزہ کیا ہے | تُو تو آگے سے بولتا ہے میاں

1...تفسير خزائن العرفان ،پاره :27،سورۀ قمر ،زير آيت :1،صفحہ:976 خلاصةً ۔

**وضاحت**: جيڪي اعتراض ڪندا آهن، زبان درازي ڪندا آهن، جن جو مقصد ئي رڳو تنقيد آهي، مجڻ جو ذهن ئي نہ آهي، انهن ڪي معجزا بہ ڪو فائدو نہ ڏيندا آهن، اهڙا ماڻهو معجزا ڏسي گمراهي ۾ اجان وڌيڪ اڳيرا ٿي ويندا آهن، هدايت جي طرف نہ ايندا آهن.

ان ڪري پنهنجي اندر هدايت قبول ڪرڻ جي صلاحيت وڌائڻي آهي، هدايت جي راهہ تي هلڻو آهي تہ مجڻ واري طبيعت اختيار ڪرڻي پوندي.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ تي هدايت جي راهہ کُلي وئي

ٻئي طرف جن جي مجڻ واري طبيعت هوندي آهي، انهن تي بس حق واضح ٿيڻ جي دير هوندي آهي، اهي هدايت قبول ڪرڻ ۾ دير نہ لڳائيندا آهن. ڏسو! حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جڏهن اجان ڪلمو نہ پڙهيو هو، اسلام جي دائري ۾ داخل نہ ٿيا هئا، مشهور واقعو آهي تہ پاڻ اگهاڙي تلوار ڪڍي نڪتا هئا، ارادو ڪيو هئائون تہ اڄ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي شهيد ڪري ڇڏيندس.

(اَسْتَغْفِرُ الله! اَسْتَغْفِرُ الله!)

پر قسمت کي ڪجهہ ٻيو منظور هو، رستي ۾ پنهنجي ڀيڻ جي گهر پهتا، قرآن ڪريم ٻڌائون، ڪوليائون، سورۂ طٰهٰ جون ڪجهہ آيتون پڙهيائون، دل جي زمين زرخيز هئي، ابوجهل وانگر دل گند جو ڍير نہ هئي، هدايت واري ڪتاب جو وسڪارو دل تي پيو تہ هدايت جا چشما ظاهر ٿي پيا، اهو ئي عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جيڪو ڪجهہ دير پهريان اگهاڙي تلوار ڪڍي اسلام کي (مَعَاذَالله!) ختم ڪرڻ لاءِ نڪتو هو، هاڻي ادب سان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، ڪنڌ جهڪايائين ۽ مصطفيٰ جي دامن سان چنبڙي هدايت جي آسمان جو چمڪندڙ ستارو بڻجي ويو.[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** غور ڪيو! ڪيڏو نہ فرق آهي، ابوجهل چنڊ کي بہ ٽڪرا ٿيندي ڏٺو، عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ صرف ڪجهہ آيتن جي تلاوت ڪئي. ابوجهل ڪلمو نہ پڙهيو، عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هدايت قبول ڪئي، آخر ڇو؟ ان ڪري جو ابوجهل نہ مجڻ واري طبيعت بڻائي رکي هئي، هن هدايت

---

1...فيضان فاروق اعظم ،صفحہ:320 خلاصةً۔

قبول نہ ڪئي، جڏهن تہ حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو اهڙو ڪو ذهن نہ هو، جيئن ئي انهن تي حق واضح ٿيو، انهن ان جي اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

معلوم ٿيو تہ هدايت قبول ڪرڻ لاءِ مجڻ واري طبيعت جو هجڻ ضروري آهي. ضدي نہ ٿيڻ گهرجي. اسان اَلْحَمْدُلِلّٰه! مسلمان آهيون، اسان مجڻ وارا آهيون. مسلمان جو لفظي مطلب ئي آهي سچي ڳالهہ کي ڪنڌ نمائي مجڻ وارو. تنهنڪري اسان کي هميشہ صحيح ڳالهہ مجڻ ڏانهن مائل رهڻ گهرجي. بدقسمتيءَ سان اسان جي معاشري ۾ ضدي ماڻهو بہ هوندا آهن، انهن کي قرآن ڪريم جون آيتون ٻڌايو، حديثون پڙهي ٻڌايو، علماءِ ڪرام جيڪي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ ئي شرعي مسئلا بيان ڪندا آهن، انهن جا فرمان ٻڌايو! اهي مجڻ لاءِ تيار ئي نہ هوندا آهن. اها تمام خراب ڳالهہ آهي، جڏهن الله پاڪ جي، ان جي پياري رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڳالهہ اچي وئي، شريعت جو مسئلو صحيح ذريعن کان اسان تائين پهچي ويو تہ هاڻي ان کي تسليم ڪرڻ ۾ دير نہ لڳائڻ گهرجي، شريعت جي معاملن کي پنهنجي انا جو مسئلو نہ بڻائڻ گهرجي. عنادِ حق (يعني حق سان دشمني رکڻ) تباهہ ۽ برباد ڪرڻ واري باطني بيماري آهي، اسان کي ان کان ڪوهين ڏُور رهڻ گهرجي.

## ضِدي قومن جو عبرتناڪ انجام

ڏسو! فرعون ضد ڪيو، حق واضح ٿيڻ باوجود قبول نہ ڪيائين، درياهہ ۾ غرق ڪيو ويو ۞ قومِ عاد وڏي طاقتور قوم هئي، انهن ڏانهن حضرت هود عَلَيۡهِ السَّلَام کي نبي بڻائي موڪليو ويو، پر انهن ضد ڪيو، حق واضح هجڻ باوجود بہ قبول نہ ڪيائون، انهن تي آنڌاري جو عذاب آيو، **جنهن قومِ عاد جو نالو نشان ئي مٽائي ڇڏيو.**[1] ۞**قومِ ثمود** ڏانهن حضرت صالح عَلَيۡهِ السَّلَام کي نبي بڻائي موڪليو ويو، انهن بہ ضد ڪيو ۽ اَڙِي ڪندا رهيا، حق کي قبول نہ ڪيائون، انڪار ڪيائون، ڪفر تي قائم رهيا، گناهن جو بازار گرم ڪيائون، آخر انهن تي بہ قهرِ الٰهي جو ڇهبُڪ وَسايو ويو، مٿاهين شديد زلزلي

1...سيرت الانبياء، صفحہ:223 خلاصةً ـ

جو عذاب موڪليو ويو، جنهن سان هو هميشہ لاءِ فنا ٿي ويا. [1]

ماضيءَ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي قومون گذريون آهن، جن ضد ڪيو، حق ڳالهہ کي تسليم نہ ڪيائون، اُهي اسان کان وڌيڪ طاقتور هئا، اسان کان وڌيڪ مالدار هئا، اسان کان وڌيڪ مضبوط هئا، پر حق سان دشمني (عنادِ حق) انهن کي تباهي جي ڪناري تي پهچايو ۽ اهي الله پاڪ جي غضب جو شڪار ٿي هميشہ لاءِ تباھ ۽ برباد ٿي ويا. ان ڪري اسان کي ضد اختيار نہ ڪرڻ گهرجي. اسان کي شرعي مسئلو ٻڌائڻ وارو اسان کان ننڍو هجي يا وڏو، اسان جو پاڻُ هجي يا پاڙيسري، اسان جو دوست هجي يا دشمن، جيڪڏهن عاشقِ رسول آهي، واقعي صحيح مسئلو ٻڌائي رهيو آهي، قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾، عاشقانِ رسول عالمن کان ٻڌي، انهن کان پڇي ٻڌائي رهيو آهي، تہ اسان کي گهرجي تہ اسان مڃي وٺون. وياج کي منافعي جو نالو ڏيڻ، زڪوٰت کي ٽيڪس چوڻ، شادي وهانءَ وغيره ۾ بي پردگي، ڍُھل شرنائين وغيره کي **خوشيءَ ۾ سڀ هلندو آهي** چئي بند نہ ڪرڻ ۽ جيڪڏهن ڪو خوفِ خدا وارو اسان کي منع ڪري تہ ان کي ابتو گهٽ وڌ ڳالهائڻ، ڪيس بہ چار ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي ان جي دل رنجائڻ، هرگز صحيح ڳالهہ نہ آهي. مسلمان بي عمل تہ ٿي سگهي ٿو، پر هڪ سچو مسلمان ضدي نہ ٿيندو آهي، هو الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڳالهين کي دل ۽ جان سان تسليم ڪرڻ وارو هوندو آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت حضرت علامہ مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي بيشمار اعليٰ صفتن مان هڪ اهم صفت هي بہ آهي تہ سندن طبيعت مجرائڻ ڏانهن نہ بلڪ مڃڻ ڏانهن مائل آهي. پاڻ هر ڇنڇر تي مدني چينل تي لائيو مدني مذاڪرو (يعني سوال جواب جو سلسلو) فرمائيندا آهن، سالن کان سندن عادت مبارڪ آهي تہ مدني مذاڪري جي شروعات ۾ ئي فرمائيندا آهن تہ: **جيڪڏهن مون کي غلطي ڪندي ڏسو تہ فوراً منهنجي اصلاح فرمايو، مون کي پنهنجي غلطي تي اجايو بحث ڪندڙ نہ بلڪ شڪريي سان رجوع ڪرڻ وارو ڏسندؤ.**

---

1...سيرت الانبياء، صفحہ:247 خلاصةً۔

ڪيڏي نہ وڏي ڳالھ آهي، لائيو پروگرام آهي، سڄي دنيا ۾ ماڻهو ٻڌي رهيا آهن، ڪروڙين مريدن جا پيرِ ڪامل صاف چئي رهيا آهن: **مون ڪان غلطي ٿئي تہ مون کي ٻڌايو، مان شڪريو بہ ادا ڪندس ۽ پنهنجي غلطي بہ مڃي وٺندس.** اللّٰہ پاڪ اسان کي بہ اهڙي توفيق نصيب فرمائي، ضد انسان کي تباھ ڪري ڇڏيندو آهي. اللّٰہ ڪري تہ اسان مڃڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (2): پنهنجي دل جي حفاظت ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻي ڳالھ جيڪا اسان کي سورت بقره جي هنن آيتن مان سکڻ لاءِ ملي اها هيءَ تہ مڪي جي ڪافرن جي بري صفت بيان ڪئي وئي:

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ عَلٰى سَمْعِهِمْؕ وَ عَلٰۤى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ٘ وَّ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ۠ ﴿۷﴾ (پارو: 1، سورة بقره: 7)

ترجموڪنزالعرفان: اللّٰہ انهن جي دلين تي ۽ انهن جي ڪنن تي مهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ انهن جي اکين تي پردو پيل آهي ۽ انهن جي لاءِ تمام وڏو عذاب آهي.

معلوم ٿيو دل تي مُهر لڳڻ هڪ انتهائي خطرناڪ بيماري آهي، هيءُ ئي اهو بنيادي مرض آهي، جيڪو نہ ڄاڻ ڪيترين ئي قومن جي تباهيءَ جو سبب بڻجي چڪو آهي. انهيءَ ئي باطني بيماريءَ جي ڪري انسان سچ کي قبول ڪرڻ، هدايت حاصل ڪرڻ ۽ هدايت جو سرچشمو قرآن ڪريم پڙهڻ جي باوجود بہ سڌي رستي تي اچڻ کان محروم رهجي ويندو آهي. لٰهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي دل جي حفاظت ڪيون، ڪڏهن بہ پنهنجي دل تي مُهر لڳڻ نہ ڏيون، ڇو تہ جنهن جي دل تي مُهر لڳي ويندي آهي، ان جي لاءِ هدايت جا دروازا بند ٿي ويندا آهن.

ڪنهن شاعر چيو آهي:

| | |
|---|---|
| دِلِ مردہ دِل نہیں، اسے زِندہ کر دوبارہ | یہی اُمّتوں کے مرضِ کُہن کا چارہ |

وضاحت: جڏهن دليون مرده ٿي وينديون آهن، دلين تي گناهن جو زنگ لڳي ويندو آهي، ڪفر جون اونداهيون ڇانئجي وينديون آهن، تہ پوءِ قومون تباھ ۽

برباد ٿي ويندبون آهن، تنهنڪري قومن کي تباهيءَ کان بچائڻ جو اهو ئي طريقو آهي تہ انهن جي دلين جي اصلاح ڪئي وڃي، ڪارين دلين تان زنگ لاهي انهن کي چمڪندڙ ۽ روشن بڻايو وڃي.

## دل تي مُهر لڳڻ جا سبب

دل تي مُهر لڳڻ جا ڪيترائي سبب آهن، مثال طور: (1): **گناهن جي ڪثرت دل تي مُهر لڳڻ جو هڪ بنيادي سبب آهي**. اسان جي پياري آقا، رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن انسان گناهہ ڪندو آهي تہ اُن جي دل تي هڪ ڪارو داغ نهي ويندو آهي، جيڪڏهن هو توبهہ ڪري وٺي تہ اهو داغ مٽايو ويندو آهي، پر جيڪڏهن بيهر گناهہ ڪري تہ هڪ ٻيو داغ نهي ويندو آهي ۽ ائين گناهہ ڪندي ڪندي سڄي دل ڪاري ٿي ويندي آهي.[1] تنهنڪري گناهن کان بچڻ بيحد ضروري آهي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو گناهن جي عادت دل تي مُهر لڳڻ جو سبب بڻجي وڃي ۽ اسان هدايت جي راهہ کان محروم ڪيا وڃون. عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: اڳين امتن جو عذاب جسماني خسف ۽ مسخ هو (يعني اڳيون امتون نافرماني ڪنديون هيون تہ انهن کي زمين ۾ دٻايو ويندو هو، انهن جا چهرا بگاڙيا ويندا هئا، ڪو پولڙو بڻجي ويندو هو، ڪو خنزير بڻجي ويندو هو) پر هِن امت جو عذاب روحاني خسف ۽ مسخ آهي، پهريان جسم بدليا ويندا هئا، هاڻي دليون بدليون وڃن ٿيون.[2] الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ نُقَلِّبُ اَفْـِٕدَتَهُمْ وَ اَبْصَارَهُمْ

(پارو: 7، سورة الانعام: 110)

ترجموڪنزالايمان: ۽ اسان ڦيرائي ڇڏيندا آهيون سندن اکين کي ۽ دلين کي.

الله پاڪ جي پناهہ! الله پاڪ جي پناهہ! ڪيڏي نہ عبرت جي ڳالهہ آهي، گناهہ ڪرڻ جي سبب، الله ۽ رسول جي نافرماني جي ڪري دليون بدلايون وڃن ٿيون.

الله پاڪ اسان کي اهڙي ذلت ۽ رسوائيءَ کان بچائي. ڪاش! اسان کي سچي توبهہ جي توفيق ملي وڃي.

---

1...ترمذی ،کتاب تفسیر القرآن ،باب ومن سورة ویل للمطففین ،صفحہ:769 ،حدیث :3334 ۔

2...تفسيرِ نعيمی، پاره:1، سورهٔ بقره، زیرِآیت:66، جلد:1، صفحہ:454۔

بڑی کوششیں کیں گناہ چھوڑنے کی
رہے آہ! ناکام ہم یااِلٰہی!
جو ناراض تُو ہو گیا تو کہیں کا
رہوں گا نہ تیری قسم یااِلٰہی!
مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے
پئے تاجدارِ حرم یااِلٰہی!

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دل تي مُهر لڳڻ جا چار سبب

امام غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ منهاج العابدين ۾ بيان فرمايو آهي تہ چار باطني بيماريون آهن، جيڪي دل کي تمام گهڻو نقصان پهچائينديون آهن: (1) **حسد ڪرڻ**: يعني ساڙ (*Jealousy*) ٻين کي مليل نعمت کي ڏسي اها تمنا ڪرڻ تہ اها نعمت ان کان کسجي وڃي ۽ مون کي ملي وڃي، اهو حسد آهي.[1] حديث پاڪ ۾ آهي: حسد نيڪين کي ائين ختم ڪندو آهي، جيئن باھ ڪاٺين کي ساڙي ختم ڪري ڇڏيندي آهي.[2] امام غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حسد ڪرڻ واري جي دل انڌي ٿي ويندي آهي، ايسيتائين جو ان کي الله پاڪ جا احڪام بہ سمجهہ ۾ نہ ايندا آهن.[3]

میں گناھوں سے سدا بیزار ہوں
کیجئے رَحمت اے نانائے حسین
جھوٹ سے بغض و حسد سے ہم بچیں
کیجئے رَحمت اے نانائے حسین

(2) **طولِ عمل (ڊگهيون اميدون)**: مثال طور، اهو ذهن ۾ ويهاري ڇڏڻ تہ مان تہ اڃان 10 سال زنده رهندس، 50 سال زنده رهندس، 100 سال جيئرو رهندس وغيره اها بہ تمام خراب بيماري آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَطَالَ عَلَیۡہِمُ الۡاَمَدُ فَقَسَتۡ قُلُوۡبُہُمۡ
(پارو: 27، سورة الحديد: 16)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ انهن تي ڊگهو وقت گذريو تہ سندن دليون سخت ٿي ويون.

معلوم ٿيو تہ ڊگهين اميدن جي ڪري دل سخت ٿي ويندي آهي. (3) **جلد بازي**: ان جي ڪري بہ ٻانهو ڪيئي ڀيرا هدايت کان محروم رهجي ويندو آهي.

1...الحديقة الندية ، الباب الثانی ، الخلق الخامس عشر الحسد ، المبحث الاول ، جلد:3، صفحہ:34 ملتقطًا۔
2...ابو داؤد، کتاب الادب، باب فی الحسد، صفحہ:769، حدیث:4903 ۔
3...منہاج العابدین ، صفحہ:188۔

(4) **تڪبر:** هيءَ سيني ڪان خراب باطني بيماري آهي، ان جي ڪري ئي شيطان مردود ٿيو، تڪبر جي سبب بہ دل تي مُهر لڳي ويندي آهي. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ ﴿۳۵﴾ (پارو: 24، سورة مؤمن: 35)

ترجموڪنزالعرفان: اللّٰه هر متڪبر سرڪش جي دل تي اهڙي طرح مهر لڳائي ڇڏيندو آهي.

عُجب و تکبُّر اور بچا حُبِّ جاہ سے
آئے نہ پاس تک رِیا یاربِّ مصطفٰے

گر تکبّر ہو دل میں ذرّہ بھر
سُن لو جنّت حرام ہوتی ہے

## دل تي مهر لڳڻ جو هڪ ٻيو اهم سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! **دل تي مُهر لڳڻ جو هڪ ٻيو اهم سبب اللّٰه پاڪ جي نيڪ ٻانهن (يعني اللّٰه جي ولين) جي بي ادبي بہ آهي.** مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: گناهہ ڪرڻ سان دل تي آهستي آهستي مَرُ چڙهندي رهندي آهي (مثال طور، هڪ گناهہ ڪيو تہ دل تي هڪ داغ لڳو، ٻيو گناهہ ڪيو تہ ٻيو داغ لڳو، ٽيون گناهہ ڪيو دل تي ٽيون داغ لڳو ائين گناهن جي ذريعي دل تي آهستي آهستي مَرُ چڙهندي رهندي آهي) ۽ نيڪيون ڪرڻ سان دل تان آهستي آهستي مَرُ لهندي آهي (مثال طور، هڪ ڏينهن نماز پڙهي تہ سرور نہ ايندو، ٻئي ڏينهن پڙهي، ٽئين ڏينهن پڙهي، ماڻهو لڳاتار نماز پڙهندو رهي تہ آهستي آهستي دل تان مَرُ ڌوپجي ويندي آهي ۽ پوءِ دل جي مر ڌوپجڻ بعد ٻانهي کي نماز ۾ سرور اچڻ شروع ٿي ويندو آهي مطلب تہ نيڪيون آهستي آهستي دل جي مر صاف ڪنديون آهن) پر اللّٰه جي ڪنهن نيڪ ٻانهي جي بي ادبي يڪدم دل تي مُهر لڳڻ جو سبب بڻجي ويندي آهي. ڏسو! شيطان هزارين سال عبادت ڪئي هئي، هڪ لمحي جي لاءِ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي بي ادبي ڪيائين تہ يڪدم مجرم ۽ مردود ٿي ويو، هڪدم سندس دل ڪاري ٿي وئي ۽ ان جي دل تي مُهر لڳي وئي.[1]

1...تفسيرِ نعيمی،پاره:1،سورۂ بقره،زيرِ آيت:7،جلد:1،صفحه:158 خلاصةً۔

معلوم ٿيو ته الله جي نيڪ ٻانهن جي بي ادبيءَ سان هڪدم دل تي مُهر لڳي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن الله جي ڪنهن نيڪ ٻانهي جي نگاهه پئجي وڃي ته هڪدم دل جي سڄي مَرُ ڌوپجي ويندي آهي.

## غوثِ پاڪ جي نگاهه جي برڪت

حضرت سيدنا حضور غوث اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حج ڪري واپس اچي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ شخص بينل ڏنائون، اهو چور هو ۽ چوري ڪرڻ چاهي پيو. حضور غوث اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ويجهو پهتا ته پڇيائون: تون ڪير آهين؟ هن وراڻيو: مان فلاڻو آهيان ۽ هتي ڪنهن جي انتظار ۾ بيٺو آهيان. حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه، جيڪي سڄي دنيا کي ائين ڏسندا آهن جيئن هٿ جي تَري تي رکيل ڪا شيءِ هجي، انهن جي سامهون هي ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو، غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سمجهي ويا ته هي ڪير آهي. پاڻ فرمايائون: مان عبدالقادر آهيان، جيئن ئي هن ٻڌو ته هي غوث پاڪ آهن، فوراً سندن قدمن ۾ ڪري پيو. حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا ڪئي، الله جي وليءَ جي هڪ نگاهِ ڪرم تي ۽ اهو چور فوراً توبهه ڪري قطبيت جي مقام تي پهچي ويو.(1)

معلوم ٿيو ته وليءِ ڪامل جي هڪ نگاهه سان ٻانهي جي دل هڪدم صاف ٿي ويندي آهي. الله پاڪ اسان کي نيڪ ماڻهن، نبين، ولين، صحابہِ ڪرام، اهلِ بيتِ پاڪ ۽ عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام جي بي ادبيءَ کان هميشه محفوظ رکي.

محفوظ سدا رکنا شہا! بے اَدَبوں سے | اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ ڪافرن جي بُري صفت بيان ڪندي فرمايو:

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ

(پارو: 1، سورة البقره: 7)

ترجمو ڪنزالعرفان: الله انهن جي دلين تي مهر لڳائي ڇڏي آهي.

---

1...تفريح الخاطر ،صفحہ:78 ـ

هن وعيد کان بچڻ جي لاءِ اسان کي گهرجي تہ اسان گناهن کان بہ بچون، حسد کان بہ بچون، ڊگهين اميدن کان بہ بچون، جلد بازيءَ کان بہ بچون، تکبر کان بہ هر دم بچندا رهون ۽ اللّٰه جي نيک ٻانهن جي بي ادبيءَ کان بہ بچندا رهون.

دل پاڪ رهي، هدايت ڏانهن مائل رهي، ان جي لاءِ نيڪيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون. قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سان دل جو زنگ دور ٿيندو آهي، اللّٰه جو ذڪر ڪرڻ سان دل جو زنگ دور ٿيندو آهي، اهڙي طرح نماز پڙهڻ سان دل جو زنگ دور ٿيندو آهي، قبرستان وڃي پنهنجي موت کي ياد ڪرڻ سان بہ دل جو زنگ دور ٿيندو آهي. اللّٰه پاڪ اسان کي پاڪيزه دل نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم جي فيض کي عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي *I.T* ڊيپارٽمينٽ هڪ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو (*Madani Qaida*) هن ايپليڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (*Audio*) شامل ڪئي وئي آهي، يعني هن ايپليڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن بہ حرف يا لفظ تي ڪلڪ ڪندا تہ آڊيو ۾ ان جو تلفظ هلندو. ائين هن ايپليڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي، ان جي مشق ڪري، صحيح مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هيءَ ايپليڪيشن پنهنجي سمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

## درست ڇا آهي؟

### (درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلط مسئلي جي نشاندهي)

مسئلو: سجدي ۾ پير جي هڪ آڱر جو پيٽ زمين تي لڳائڻ فرض آهي، جڏهن تہ هر پير جي ٽن ٽن آڱرين جو پيٽ زمين تي لڳائڻ واجب آهي ۽ ڏهن ئي آڱرين جو پيٽ زمين تي لڳائڻ ۽ آڱريون قبلي رخ رکڻ سنت آهي.

وضاحت: ۞ هن مسئلي بابت عام طور تي تمام گهٽي بي توجهي ڏني

وئي آهي ۞ ڪيترائي پيرا ڏٺو ويو آهي تہ سجدي ۾ پير زمين کان مٿي ڪچيل هوندا آهن ۞ جيڪي زمين تي پير لڳائيندا آهن، انهن مان گهڻا صرف آڱرين جون چوٽيون زمين تي لڳائيندا آهن ۞ مسئلو تمام گهڻو ياد رکڻ وارو آهي: سجدي ۾ پيرن جي ڏهن آڱرين مان هڪ جو پيٽ زمين تي لڳائڻ فرض آهي، ٻنهي پيرن جي ٽن ٽن آڱرين جو پيٽ لڳائڻ واجب آهي ۽ 10 ئي آڱرين جو پيٽ لڳائڻ ۽ آڱرين جو رخ قبلي طرف هجڻ سنت آهي ۞ جيڪڏهن سجدي ۾ پير زمين کان مٿي هوندا ۽ هڪ بہ آڱر جو پيٽ زمين تي نہ لڳايو تہ نماز نہ ٿيندي، ٻيهر پڙهڻ فرض آهي ۞ جيڪڏهن صرف آڱوٺو لڳايو ۽ بقايا آڱريون زمين کان مٿي رهيون تہ واجب ڇڏجي ويندو، گناهہ بہ ٿيندو ۽ نماز بہ ٻيهر موٽائي پڙهڻي پوندي.[1]

الله پاڪ اسان کي نماز سکي، درست انداز سان پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اسماء الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَاغَفَّارُ

جيڪو هميشہ يَاغَفَّارُ جو ورد ڪندو رهندو، اهو نفس جي بُرين خواهشن کان آزادي حاصل ڪندو.[2] اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...ماہنامہ فیضانِ مدینہ،جنوری2018ء،دارالافتاء اہل سنّت،صفحہ:14
2...مدنی پنج سورہ ،صفحہ:248 ۔